
5
سائنسي سوچ
هندائو: ساوڻ ۾ بهاري
جديد دور ۾ ڪتاب
جو مستقبل
عظيم ايٽمي تباهي
AIDS
ايڊز: دنيا کي متاثر ڪندڙ مرض
جان وليم اسٽرٽ
WWW
.com
پروٽو اسٽار (آڳل تارو)
ستارو ٺهي (پيدا ٿي) رهيو آهي
ريڊ جائنٽ
سپرنووا
مضمون: تاري جو فنا ٿيڻ

ايڊيٽوريل

## اسان وڻ نہ ٿا پوکيون نہ وڍيون ڇو ٿا؟

هڪ سٺو ماحول، جيڪو هر قسم جي گندگين کا پاڪ صاف هجي، اسان سميت سمورن ساهوارن جي زندگين لاءِ ڏاڍو اهم آهي. ممڪن آهي تہ اسان مان گهڻن کي اهڙي صاف سٿري ماحول جي اهميت جي کا چڱي خبرچار تہ چا، پر پوري ساري سُڌ بہ مَس هجي. جيتوڻيڪ سڄيءَ دنيا ۾ ماحول کي مسئلن بابت آگاهي ڏيڻ جا وڏا وڏا پروگرام بہ هلي رهيا آهن، خاص طور وڻ پوکڻ جي حوالي سان وڏي-ن مهمون هلايون وينديون آهن، جو تہ وڻ ماحول کي سنوارڻ سميت فطرت جي سونهن ۾ پڻ حسين واڌارو ڪن ٿا. پر لڳي ٿو تہ پاڪستان ۾ ان حوالي سان ڪي چڱا ۽ ڪارگر اُپاءَ ورتا نہ ٿا وڃن. ان جو اندازو اسان کي صرف لاڙڪاڻي ضلعي تي هڪ نظر ڊوڙ سان ئي ٿي وڃي ٿو.

لاڙڪاڻو سنڌ جي مختلف شهرن سان روڊن ذريعي ڳنڍيل آهي، جن ۾ انڊس هاءِ وي سميت لاڙڪاڻي کان موهين-دڙو ۽ اڳتي راڌڻ تائين روڊ، لاڙڪاڻي کان نئون ديرو-مدئجي-سکر روڊ، لاڙڪاڻي کان بنگل ديرو-رتو ديرو روڊ ۽ لاڙڪاڻي کان قنبر-شهدادڪوٽ روڊ اهم آهن. محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت کان پوءِ پ پ پ جي حڪومت قائم ٿيڻ سبب، حڪومت انهن سڀني روڊن تي ترقياتي ڪم شروع ڪرائيندي روڊن کي نئين سر ويڪرو ڪري نهرائڻ جا پراجيڪٽ شروع ڪيا آهن. جن ۾ خاص ڪري لاڙڪاڻو-موهين جو دڙو روڊ ۽ لاڙڪاڻو-سکر روڊ کي وَن وي (one way) ڪرڻ سميت ٻين روڊن کي ويڪرو ڪيو پيو وڃي. اهو سڀ ڪجهہ ڏاڍو بهتر آهي. پر انهن پراجيڪٽن ۾ جنهن بي دردي‌ءَ سان روڊن جي ٻنهي پاسن کان ٿڌي ڇانوَ ڏيندڙ وڻن کي وڍيو ويو آهي، اهو ڏسي اکيون ڳوڙهن سان ڀريون پيون آهن. ٺيڪيدارن ان ڪُڌي ڪم کي ٽڪڙ ۾ اُڪلائي ڏاڍو سُڪون ۽ پئسو ماڻيو آهي. ٻئي طرف ساوڻ جي سخت گرميءَ ۽ تاءَ ۾ ماڻهو ۽ جانور توڙي پکي ڇانوَ ذريءَ لاءِ ڦٿڪي رهيا آهن. پر ان جو احساس ڪنهن بہ ٺيڪيدار توڙي حڪومتي ڪارندي کي ناهي. لڳي ٿو تہ انهن ڪڏهن ايئرڪنڊيشنر مان نڪري اُس جي تِڪَ کي پنهنجي ڳل تي محسوس ناهي ڪيو ۽ نہ ئي ساڙيندڙ جهولن کي برداشت ڪيو آهي. اسان وڻن کي وڍڻ واري ان عمل جي انتهائي شديد مذمت ڪيون ٿا ۽ ان عمل کي سخت ننديون ٿا.

وڻن جي لڳڻ جو اندازو ان مان بہ ڪري سگهجي ٿو تہ وڏيل وڻ جناب ذوالفقار علي ڀُٽي جي دَور ۾ پوکيا ويا هئا ۽ پوءِ ڪنهن بہ حڪومت ان طرف ڌيان نہ ڏنو، تہ پوءِ هاڻي اسان ڪيئن خاطري رکون تہ انهن روڊن تي نئين سر وڻ پوکيا ويندا. انهن جي سارَ سنڀال بہ ٿيندي ۽ اهي وڏا بہ ٿيندا. اهو ڪيڏو نہ طويل سلسلو آهي! جيتوڻيڪ اسان کي نہ ئي ان عمل جي شروع ٿيڻ ۽ نہ ئي وقت سِر پوري ٿيڻ جي ڪا پَڪ آهي.

چوندا آهن تہ هٿ جي وَڍئي جو ويڄ نہ طبيب.

اسان اهڙا ويڄ ڪٿان آڻيون جيڪي هٿ جي وڍئي جو تدارڪ ڪن؟ اسان جي دانهن ڏاڍي ڪمزور ۽ نِبل آهي، تڏهن بہ اسان دانهن ضرور ڪنداسين ۽ گُهر ڪنداسين تہ وڻن جي واڍي ۾ ملوث عملدارن ۽ ٺيڪيدارن کي جوڳي سزا ڏني وڃي ۽ هنگامي بنيادن تي سڀني روڊن جي ٻنهي پاسن تي نوان ٻوٽا لڳايا وڃن ۽ انهن جي سار سنڀال لاءِ جوڳا اُپاءَ ورتا وڃن.

## ايس ايم ايس باڪس

* تندرستيءَ لاءِ صحيح وقت تي پاڻي پيئڻ سان انساني بدن ۾ ان جو اثر وڏي ٿو: 1. ماني کائڻ کان اڳ ہ گلاس پاڻيءَ جا پيئڻ تہ جيئن هاضمي ۾ مدد ملي سگهي. 2. هڪ گلاس صبح جو جاڳڻ سان پاڻي پيئو، تہ جيئن اندروني عضوا متحرڪ ٿين. 3. هڪ گلاس پاڻي سمهڻ کان اڳ پيئو، تہ جيئن اڌ رات جو دل جي دوري يا حملي کان بچي سگهجي. 4. هڪ گلاس پاڻي وهنجڻ کان پوءِ پيئڻ، رت جي دٻاءَ کي گهٽائڻ ۾ مدد ڪري ٿو. 5. کاڌو کائڻ کان پوءِ هڪدم پاڻي نہ پيئو. نہ ئي بوتل (ڪولڊ ڊرنڪ) واپرايو.

- **امتياز احمد مغل** (قنبر)

* **ڊينگي بابت مُهم**

**نشانيون:** تيز بخار ۽ بدن ۾ گهڻو سُور، ساڙيندڙ ۽ ڳاڙها چٽا/ داڳ، نَڪ ۽ ڏندن مان رتُ وهڻ، ۽ اکين ۾ سور.

**احتياط:** پاڻيءَ کي چڱيءَ طرح ڍڪيو، مثال طور انهن ٽانون کي، جن ۾ پاڻي جمع ڪجي ٿو. مڇرن کان بچاءَ لاءِ ميٽ ۽ ڪوائل (ويڙهو) ڪتب آڻيو. اجا بہ بهتر آ تہ ڦوهارو ڪيو.

**حقيقتون:** ڊينگي عام طور صبح جو ڇهين کان نائين وڳي تائين ۽ شام جو ڇئين وڳي کان رات جو ڏهين وڳي تائين اثرائتو ٿئي ٿو. متاثر مريض کي ڊاڪٽر جي تجويز موجب بنا دير علاج ڪرائڻ گهرجي.

- **رضوان گل** (لاڙڪاڻو)

* گهڻو استعمال ٿيندڙ انگريزي الف-ب جو اکر A (اي). انگريزي انگن جي اسپيلنگس ۾ وَن (1، One) کان وٺي 999 (نائين هنڊريڊ نائنٽي نائين، Nine Hundred Ninety Nine) ۾ نہ ٿو اچي. اهو پهريون ڀيرو 1000 (ٿائوزنڊ، Thousand) ۾ اچي ٿو.

- **اميد علي سامٽيو** (لاڙڪاڻو)

* **رسالي بابت راءِ:** ٽائيٽل تمام پرڪشش، ايڊيٽوريل جو پيغام: ڌرتيءَ جو آواز، مضمون "عظيم ايٽمي ڌماڪو" معلومات سان ڀريل، "سائنسي سماچار" مختصر پر جامع معلومات، "ڪُتي جي قبر" واهہ واهہ، "بدو جبل" پهريون نُڪرو بهترين، "ڌرتي گولو" مختصر پر معلوماتي.

- **ذيشان الحق پٺاڻ** (لاڙڪاڻو)

* ٻوٽن جي ڪل ۾ هڪ مرڪب ڪلورو جينڪ پولي فينول ٿئي ٿو، جنهن سان انساني جسم ۾ ڪينسر ۽ جيوڙن (جرمس) جي تبديليءَ کي روڪي ٿو ان ڪري ٻوٽن کي ڇلهي کائڻ بدران ڪل سوڌو کائڻ گهرجي.

- **انتخاب علي ٻرڙو** (لاڙڪاڻو)

* جيڪڏهن اوهان هڪ سال لاءِ سوچ ويچار ڪيو ٿا تہ ساريون پوکيو، جيڪڏهن هڪ ڏهاڪي لاءِ ٿا ويچاريو تہ وڻ پوکيو، پر جيڪڏهن سڄيءَ ڄمار لاءِ ٿا سوچيو تہ پوءِ ماڻهن کي تعليم يافتہ بڻايو.

- **علي اصغر سانگاهہ ۽ اَي.ڊِي.گوپانگ** (قنبر)

* اسان سڀني دوستن توهان جو رسالو پڙهيو. اسان کي رسالي مان تمام سٺي ڄاڻ ملي آهي. اسان عرض ٿا ڪريون تہ هن مئگزين کي اڳتي وڌائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪيو.

- **علي عباس ميمڻ** (ڳوٺ ڇڄڙا، قنبر)

هن سلسلي ۾ شرڪت لاءِ اوهان معلوماتي ايس ايم ايس موڪليو ۽ رسالي بابت راءِ بہ ڏيو. موبائيل نمبر: 03337533011

# سائنس سماچار

ترجمو: خادم رند

## ايٽمي جنگ جو خطرو
## وڌيڪ هڪ منٽ پري



دنيا ۾ ايٽمي تباهيءَ بابت خطري جي سُئيءَ کي ان علامتي واچ جي نشان کان هڪ منٽ پنتي ڪيو ويو آهي. جڏهن ان تباهيءَ جي ٿيڻ جو امڪان آهي. ان علامتي واچ کي 'اڌ رات' چيو وڃي ٿو. بليٽن آف ايٽامڪ سائنٽسٽس (بي.اي.ايس) گذريل 55 سالن کان ايٽمي تباهيءَ جي خطري جو اندازو لڳائڻ لاءِ پيمائش طور ان واچ کي استعمال ڪري رهيو آهي. هڪ منٽ پنتي ٿيڻ کان پوءِ هاڻي دنيا تباهيءَ واري علامتي واچ واري نشان کان 6 منٽ پنتي آهي. بي.اي.ايس چيو آهي ته هُن واچ کي پنتي ڪرڻ جو فيصلو 'مثبت عالمي حالتن' جي ڪري ڪيو آهي.

خطرو ڏيکاريندڙ ان واچ جو ذڪر پهريون پيرو جپان تي ايٽم بم جي حملي کان پوءِ 1947ع ۾ هڪ رسالي ۾ ڪيو ويو هو. واچ جي سُئيءَ کي پهريون پيرو خطري جي نشان کان 7 منٽ پري رکيو ويو هو. ان کان پوءِ هيل تائين سُئيءَ جي پوزيشن (هنڌ) کي 18 پيرا بدلايو ويو آهي. جنوري 2007ع ۾ سُئي خطري جي نشان کان 5 منٽ پري هئي، جڏهن موسمي تبديليءَ کي، ايٽمي جنگ سان گڏ انسانذات لاءِ خطرو قرار ڏنو ويو هو. ان سان گڏوگڏ عالمي سطح تي ايٽمي مواد جو واپار به هڪ سبب هو.

هينئر بي.اي.ايس جو چوڻ آهي ته دنيا ۾ ايٽمي هٿيارن جي رند روڪ ۽ ماحولي تبديليءَ سان منهن ڏيڻ جو عزم پهريان کان وڌيڪ سگهارو آهي. هنن آمريڪا، چين، يورپي يونين، برازيل ۽ ڀارت جي وچ ۾ انهن ماهرن تي راضپي واري امڪان جو به ذڪر ڪيو آهي. بي.اي.ايس 1947ع کان ايٽمي عدم ڦهلاءَ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي.

## ڪول جي طاقت

سائنسي موضوع تي تصويرن جي هڪ نمائش ۾ هڪ اهڙي ڪول جي تصوير کي انعام مليو آهي جنهن ۾ اها پنهنجي



وزن کان 100 ڀيرا وڌيڪ وزن کڻندي ڏيکاري وئي آهي. ان تصوير ۾هڪ ايشيائي قسم جي ڪول کي ڏيکاريو ويو آهي جيڪا شيشي جهڙي جڳهه سان اُبتي لڙڪي رهي آهي ۽ سندس وات ۾ 500 ملي گرام وزن آهي.

اها تصوير ڪيمبرج يونيورسٽيءَ جي حيواني ماهر ڊاڪٽر ٿامس اينڊلين ڪڍي آهي. جيڪو جيتن ۾ پيرن جي چنبڙڻ جي صلاحيت تي کوجنا ڪري رهيو آهي. ڊاڪٽر اينڊلين کي ان تصوير تي 700 پائونڊ انعام مليو. تحقيق ۾ ڏيکاريو ويو

## ايڇ آءِ وِي: نئون علاج شروع ڪرڻ جي تجويز

سائنسدانن چيو آهي ته 'اينٽي ريٽررل ٽريٽمينٽ' يا اي.آر.ويز نالي واري علاج جي طريقي جي ڪري، ايندڙ پنجن سالن جي اندر ڏکڻ آفريڪا ۾ ايڊز جي بيماريءَ جو ڦهلاءُ رڪجي سگهي ٿو.

ايڊز تي تحقيق جي حوالي سان پلوڙ سائنسدان ڊاڪٽر برائن وليمز جو چوڻ آهي ته هن طريقي سان علاج سبب ايڇ آءِ وِي مريضن کي دوائون مهيا ڪرڻ سان، مرض جي پکڙجڻ واري عمل کي روڪي سگهجي ٿو. هن علاج تي ساليانو ٻن کان ٽن ارب ڊالرن تائين لاڳت ايندي ۽ دوائن جي ڪري مريضن جي جسم ۾ وائرس جو مقدار گهٽجي ويندو.

ڊاڪٽر وليمز جو ڳائيتو ايڇ آءِ وي بيماريءَ جي حوالي سان تحقيق ڪندڙ مُک سائنسدانن ۾ ٿئي ٿو. هن آمريڪا ۾ سائنسي ترقيءَ جي حوالي سان ڪم ڪندڙ هڪ ايسوسيئيشن جي اجلاس کي خطاب ڪندي علاج جي طريقي تا ڳالهه ٻول ڪئي. هن چيو ته ڏکڻ آفريڪا وڏي پيماني تي ايڇ آءِ وي سان منهان منهن آهي. ڊاڪٽر وليمز موجب 3 ڪروڙ ماڻهو ايڇ آءِ وي ۾ مبتلا آهن ۽ ساليانو 20 لک ماڻهو مري رهيا آهن. پريشانيءَ جي ڳالهه اها آهي ته هي مرض بنا رنڊڪ پکڙجي رهيو آهي. گهڻين اثرائتين دوائن جي تياري ئي اصل ڪاميابي آهي. جن جي مدد سان ماڻهن کي جيئرو رکي سگهجي ٿو انهن دوائن سان مريضن ۾ وائرس جي اثر کي 2 هزار ڀيرن تائين گهٽائي سگهجي ٿو.

ڊاڪٽر وليمز ٻڌايو ته جيڪڏهن هينئر ڪلينڪل ٽرائل شروع ڪجي ته ايندڙ پنجن ورهن ۾ ڏکڻ آفريڪا ۾ موجود ايڇ آءِ وي کان متاثر ماڻهن جو اي آر وي ذريعي علاج ڪري سگهبو. هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ايڊز جي رنڊ روڪ لاءِ هڪ ويڪسين (ٽڪو) ناهڻ جي سلسلي ۾ لازمي طور کوجنا ڪرڻ کپي. هن زور ڀريو ته ان ٽرائل مان ترت نتيجا حاصل ڪرڻا پوندا تڏهن ئي اسان ان مرض جي چيلهه ڀڃي سگهون ٿا. هن وڌيڪ ٻڌايو ته اي آر وِي علاج جو طريقو تجرباتي طور اتر آمريڪا ۽ آفريڪا ۾ شروع ٿي چڪو آهي.

(وڪٽوريا گِل، سائنس رپورٽر، بي بي سي)



# ڌرتيءَ بابت اوائلي نظريا ۽ سائنس

رضوان گل

انساني ذهن ۾ هميشه مختلف نيون سوچون ۽ خيال ايندا رهيا آهن جڏهن انسان غارن ۾ رهندو هو، ڪچو گوشت کائيندو هو، وڻن تي چڙهي شڪار ڪندو هو قدرتي آفتن جي نتيجي ۾ ونس ڪا به بچڻ جي وات نه هوندي هئي، جڏهن انساني زندگيءَ ۽ حيوانن ۾ ڪو خاص فرق نه هو تنهن دؤر کان وٺي اڄ جي هن انٽرنيٽ ذريعي گلوبل وليج ٿي ويل دنيا تائين. انسان سوچيندو رهيو آهي ۽ انهيءَ سوچ ئي انسان کي حيواني ماحول کان اڳتي ڪري، مٿيرو ڪيو آهي. انساني ذهن جڏهن کان سوچ ذريعي پنهنجي زندگيءَ ۾ سڌارا ۽ بهتريون آنديون ان وقت کان اڄ تائين انهن سڌارن ۽ بهترين جي نتيجي ۾ انسان زندگيءَ ۾ مثبت تبديليون اينديون رهيون آهن.

ڌرتي جيڪا انساني سوچ ۽ فڪر جو محور ۽ مرڪز رهي آهي، ان بابت اوائلي دؤر جي انسانن کان وٺي اڄ جي سائنسي سوچ رکندڙ ماهرن تائين مختلف انداز تجربا ۽ مشاهدا ٿيا آهن جن جي نتيجي



۾ ڌرتيءَ بابت ڪيترائي مختلف نظريا پيش ڪيا ويا آهن. مذهبي نظرين ۽ اندازن کان وٺندي سائنسي حقيقتن تائين هن زمين جي وجود ۾ اچڻ ۽ ان جي شڪل (بيهڪ) بابت ڪيترائي خيال ڏنا ويا ۽ انهن خيالن ۾ تمام گهڻو ٽڪراءُ پڻ سامهون آيو، جن خيالن ۽ نظرين جي ڇنڊڇاڻ ڪري انهن مان ڪجهه اهڙين ڳالهين کي، جيڪي حقيقت جي ويجهو هيون، بحث ۽ مشاهدي هيٺ آندو ويو ۽ اهو ڪم ڪنهن به مذهبي پيشوا وغيره نه پر سائنس جي ماهرن ڪيو.

زمين جي بيهڪ بابت اڪثر پراڻن نظرين ۾ هڪ ڳالهه تي اتفاق موجود هو ته اِها سڌي وڇايل يعني فليٽ (Flate) آهي، پر سائنس ان ڳالهه جي بلڪل ابتڙ هڪ ٻيو نظريو پيش ڪيو ته زمين سڌي سنئين، چؤڪنڊي، ٽه ڪنڊي يا پنجَ ڪنڊي نه پر گول آهي، اهڙيءَ ريت گول جيئن ڪا نارنگي هجي ۽ ان کي مٿئين پاسي کان هڪ سُئو لڳل هئڻ سبب مٿان ۽ هيٺان ٿورڙي ويڪري ٿيل هجي، يعني اتر قطب ۽ ڏکڻ ٿورو ڦهليل باقي اولهه ۽ اوڀر ٿورڙا ٻاهر نڪتل هجن.

ان نظريي کي سمجهائڻ لاءِ اسان روزاني زندگيءَ مان مثال وٺي سمجهنداسين. اسان ٻجليءَ جا ٿنڀا جڏهن ڪنهن به کليل ميدان ۾ بيهي ڏسنداسين ته اسان کي اهي هڪبئي پٺيان هيٺ لهندي محسوس ٿيندا. جڏهن ته انهن جي اوچائي هڪ جيتري ئي هوندي آهي. ساڳيءَ ريت جڏهن مخالف رخ تان وڃي انهن ٻجليءَ جي ٿنڀن کي ڏسنداسين ته اهي اتان جيئن جيئن پرتي نظر ڦيرائبي، هيٺ لهندي نظر ايندا يا جڏهن به ڪو سامونڊي جهاز سمنڊ جي ڪناري تان بيهي ڏسبو ته اهو به اسان کي آهستي آهستي مٿي چڙهندي يا لهندي نظر ايندو آهي يعني اچڻ وقت پهريان ان جي سڙهه نظر ايندي آهي ۽ پوءِ مڪمل جهاز، ائين وڃڻ وقت به سڙهه آهستي آهستي هيٺ گم ٿيندي محسوس ٿيندي آهي.

اهڙيءَ ريت ڌرتيءَ تي روشني ڦهلائيندڙ سج بابت پڻ اوائلي زماني ۾ مختلف ويچار هوندا هئا. ماڻهو سج ۽ ڌرتيءَ بابت پڻ تصوراتي ۽ اندازن تي مشتمل ڳالهيون ڪندا هئا. پر انهن مڙني نظرين کي به وري سائنس ئي حتمي نتيجي تائين پهچايو. سائنس ڌرتيءَ جي چوويهن ڪلاڪن واري ڦيري (Rotation) ۽ سال واري مَداري ڦيري (Revolution) کي ثابت ڪري سج جي گم ٿيڻ ۽ ظاهر ٿيڻ واري ڳالهه سائنسي انداز ۾ هن ريت سمجهائي ته سڄُ ڌرتيءَ جي پيٽ ۾ تمام وڏو آهي ۽ اهو وچ ۾ موجود آهي جنهن جي چوڌاري ٻيا گِرهه چڪر لڳائن ٿا ته ڌرتي پڻ اهو چڪر لڳائي ٿي، جيڪو سال ۾ پورو ٿئي ٿو.

اهڙيءَ ريت ڌرتيءَ تي موجود دريائن، آبشارن، برف سان ڍڪيل ميدانن، جبلن، برپٽن، طوفانن، بدلجندڙ موسمن، ڏينهن ۽ راتين بابت پڻ ماضيءَ جي ماڻهن وٽ مختلف رايا ۽ انداز هئا. زمين جي اندرين تَهن بابت پڻ پراڻين وسندين ۽ واهڻن جي ماڻهن جا عجيب ويچار هئا. ته زمين ڏاند جي سڱن تي بيٺل آهي ۽ تڏهن زلزلو اچي ٿو جڏهن ڏاند سڱ تبديل ڪري ٿو، وغيره. جڏهن ته سائنس ان قسم جي نظرين ۽ اندازن کي بلڪل غلط ثابت ڪيو. سائنس زمين جي تهن کي ٽن مکيه حصن ۾ ورهايو آهي. مٿيون تهه (Crust)، وچون تهه (Mantle)، ۽ اندريون يا مرڪزي تهه (Core). زمين جو مٿيون تهه اليومينم ۽ سلِيڪان جو ٺهيل آهي. انهيءَ کي Sial پڻ سڏيو وڃي ٿو. هي تهه تقريباً 25 کان 35 ڪلوميٽرن جي ٿولهه رکندڙ آهي ۽ ڪجهه ڪتابن ۾ 45 کان 55 ڪلوميٽر ٿولهه پڻ لکيل آهي. هي زمين جي مٿاڇري وارو حصو يا تهه آهي جنهن تي لڳ ڀڳ 71 سيڪڙو پاڻي جڏهن ته 29 سيڪڙو خشڪي آهي.

(بقايا: ڏسو ص 8)

ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي پاران ڊاڪٽر ساغر ابڙي کان منعقد ڪرايل ليڪچر پروگرام

رپورٽ: سيف الحق سيف

# صوفي نفسيات صحتمند انسان جي نفس جو ڇيد ٽي ڪري: ڊاڪٽر ساغر ابڙو

ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر پاران 21-فيبروري 2010ع تي، پيس انگلش سينٽر قنبر ۾، ليڪچر سيريز تحت، انٽرنيشنل صوفي فائونڊيشن جي باني اڳواڻ ۽ چيئرمئن ڊاڪٽر ساغر ابڙي کان "موجوده دَور ۾ صوفي مَت جي اهميت" موضوع تي ليڪچر ڪرايو ويو. ليڪچر جي ابتدا ۾ اڪيڊميءَ جي ڊائريڪٽر رياضت برڙي ليڪچرر جي تعارف ۾ چيو ته ڊاڪٽر ساغر ابڙو 1975ع تي ڳوٺ ڳيريلي، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. هُو ايم.بي.بي.ايس ڊاڪٽر آهي ۽ هن وقت ڊسٽرڪٽ فوڊ ڪنٽرولر طور سرڪاري ملازمت ۾ آهي. هُو 2003ع ۾ قائم ڪيل انٽرنيشنل صوفي فائونڊيشن جو چيئرمئن آهي جنهن پاران 5 صوفي ڪانفرنسون ڪوٺائي چڪو آهي ۽ هڪ ڪتاب "ميخاني جي ماڪ" جو ليکڪ ۽ سلسليوار "صوفي" (سنڌي) ۽ "الصوفيا" (انگريزي) ميگزينن جو ايڊيٽر آهي. جڏهن ته ليڪچر جو مقصد آهي ته صوفي مت جي مختلف رُخن کي سمجهجي.

ڊاڪٽر ساغر ابڙي ليڪچر ڏيندي چيو ته صوفي مت ٽن حصن ۾ ورهايل آهي، جن ۾ 25 سيڪڙو علم، 25 سيڪڙو عمل ۽ 50 سيڪڙو عشق شامل آهي. عشق کان سواءِ ڪو به صوفي ٿي نه ٿو سگهي. تصوف جي تاريخ انسان جي تخليق کان به اڳ جي آهي. صوفي روايتن موجب آهي ته جڏهن الله پاڪ چاهيو ته ڪيس سُڃاتو وڃي ته هُن تخليق ڪئي جيڪا درجيوار آهي. روحن جي تخليق کان پوءِ جن روحن الله جي تمنا ڪئي، ان وقت کان صوفي مَت جي شروعات ٿئي ٿي، جنهن جو مقصد آهي اهو علم حاصل ڪرڻ جنهن سان پنهنجي رب کي سڃاڻجي. الله عليم آهي ۽ هن جو علم ڪنهن کان ورتل نه آهي. صومي ازم يقين نه پر انتظام آهي. بهريان ڪتاب جيڪي صوفي نظريي تحت لکيا ويا اهي سنڌو ڪناري تي لکيل آهن. دنيا ۾ تصوف جي شروعات سنڌو ماٿريءَ کان ٿي، پر لکيل تاريخن ۾ اها ڳالهه ڪو به قبول ڪندي نظر نه ٿو اچي. حضرت بايزيد بسطامي جو مرشد سنڌ جو هو جنهن جو نالو ابو علي سنڌي هو. مختلف ٻولين ۽ قومن ۾ صوفي مت کي مختلف نالن سان سڏجي ٿو صوفين پاڻ کي شريعت جو به پابند ڪيو آهي. مذهبي تصوف ۾ ٻي وڏي شخصيت حسين بن حلاج جي آهي جيڪو پڻ سنڌ جي صوفين سان مليو هو. ڪيس "اناالحق" جي ڪري ڦاسي نه ڏني وئي هئي، پر هن جي شهادت جا سبب سياسي آهن. ڇو ته هن ظلم ۽ ناانصافيءَ خلاف آواز اٿاريو هو سماجي حوالي سان تصوف انسان جي تاريخ ۾ ڪارآمد رهيو آهي. صوفي نفسيات صحتمند انسان جي نفس جو ڇيد ٽي ڪري . صوفي طب وسيلي انسان جو اهڙي نموني علاج ڪيو وڃي ٿو جو ان جا ڪي به اُگرا اثر نه ٿا پون. صوفي ازم وسيلي قومن جو نفسن جو علاج اهڙيءَ طرح ڪري سگهجي ٿو جو ان علاج وسيلي فساد جنم نه وٺن. پر بدقسمتيءَ سان صوفي ازم کي اسٽيٽ رليجيس (رياستي مذهب) جيتري اهميت ۽ درجو نه مليو آهي. هن وقت سنڌ ۾ صومي مت جي صورتحال ڏکوئيندڙ آهي، جيڪا درگاهن ۽ پيرن جي مزارن تائين محدود ٿي وئي آهي. صوفي ازم جا جيڪي مختلف ملڪن ۾ ادارا آهن اهي مجموعي طور انسان جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪن ٿا.

ليڪچر جي پڄاڻيءَ تي سوالن جوابن جو سلسلو هليو. جنهن کان پوءِ ڊاڪٽر محبت اڪيڊميءَ جي وائيس چيئرمئن خادم حسين رند آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا. ليڪچر پروگرام ۾ شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي جن ۾ پاٽو درمحمد برڙو، علي گوهر ميراڻي، امتياز علي ٽنيو، صائم رند، قمرالدين قمر، فدا حسين ميرحت، علي ضمير سنڌي، ڪوڙل قربدار، آتش سنڌي، عبدالرزاق ڪلهوڙو ۽ ٻيا شامل آهن.



ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي پاران "صوفي مت" موضوع تي ڪرايل ليڪچر ۾ ڊاڪٽر ساغر ابڙو، رياضت برڙو ۽ خادم حسين رند مخاطب آهن

# ڌيانُ ۽ ان جا قسم

سيد محمد صالح شاهه بخاري

توجهه يا ڌيان جا ٽي قسم آهن:

(1) انفعالي (Pasive).

(2) فعالي (Active) ۽

(3) ثانوي افعالي (Secondary Passive).

1- انفعالي توجهه: اسان جو ڌيان يا توجهه انهيءَ وقت انفعالي ٿو ٿئي، جڏهن ڪنهن شَي جي ڪا توجهه طلب خصوصيت اسان ۾ پيدا ٿي ٿئي، يعني توجهه جا سبب ٻاهريان يا معروضي هجن ته اهڙو توجهه انفعالي چئبو. مثلاً اکين کي خيره ڪندڙ روشني، ڪو وڏو آواز ۽ تيز خوشبوءِ اسان جو توجهه يڪدم پاڻ ڏانهن ڇڪيو وٺن ۽ اهي شيون پنهنجي خصوصيتن جي ڪري اسان تي قابض ٿيو وڃن تنهنڪري اسان مجبورن انهن ڏانهن متوجهه ٿيون ٿا. بازار مان لنگهندي ڪنهن دهل جي آواز ڏانهن، ڪنهن هنگامي يا واقعي جي گوڙ ڏانهن يا ڏينيوءَ يا ماکيءَ جي مک جي ڏنگ هڻڻ بعد پيدا ٿيل سور ڏانهن ڪير متوجهه نه ٿيندو؟ جيئن ته انهن حالتن ۾ توجهه ڏيندڙ منفعل هوندو آهي ان ڪري اهڙي وقت ڏنل توجهه کي نفسياتي زبان ۾" انفعالي ڌيان" چئبو آهي. ان کان سواءِ جيئن ته هي توجهه ڪنهن ارادي يا ڪوشش کان سواءِ وجود ۾ ايندو آهي ان ڪري ڪيس غير ارادي (Involuntary) يا تڪڙو/ خودڪار (Spontaneous) توجهه به چوندا آهن. هن توجهه جي قابل خاص ڪري ٻار ۽ حيوان هوندا آهن تنهنڪري هن کي ابتدائي (primary) توجهه به چوندا آهن.

2- فعالي توجهه: جڏهين توجهه لاءِ اسان جي ذاتي ڪوشش گهربل هجي تڏهن اهو توجهه "فعالي" سڏيو ويندو. هڪ درسي ڪتاب کي ڪٽي اوهين پسند نه به ڪريو ته به امتحان ڏيڻ جي خاطر ان جو مطالعو اوهان جي لاءِ ضروري هوندو آهي، تنهنڪري انهيءَ ڪتاب ڏانهن اوهان کي ڪوشش ۽ محنت ڪرڻي پوندي. اهڙيءَ طرح رياضيءَ جي هڪ سوال حل ڪرڻ لاءِ اوهان کي ارادي توجهه جي ضرورت پوندي. هي به امڪان آهي ته ڪيترين ئي ٻين رنڊڪون انهيءَ وقت اوهان جي توجهه ۾ حائل ٿين. مثلاً اوهين راند ڪرڻ، آرام ڪرڻ يا ڪنهن دوست سان ملڻ جا خواهشمند هجو، پر انهن سڀني پيدا ٿيل دلچسپين کي نظر انداز ڪري، اوهان سوال کي حل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو ٿا وڃو. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن اوهين ڪلاس ۾ ليڪچر ٻڌي رهيا هجو ۽ ٻئي طرف بازار ۾ بئنڊ وڄي رهي هجي ته انهيءَ صورت ۾ ليڪچر ڏانهن توجهه ڏيڻ خاطر عام حالتن جي نسبت ۾ زياده ڪوشش جي ضرورت ٿيندي. جيئن ته اهو جبري توجهه اسان جي ڪوششن واري ارادي جو محتاج هوندو آهي ان ڪري ان کي عام طور "ارادي توجهه" (Voluntary attention) به چوندا آهن ۽ جيئن ته اهو توجهه رڳو انسانن ۽ مٿاهين قسم جي حيوانن ۾ پيدا ٿيندو آهي ان ڪري انهيءَ توجهه کي "ثانوي توجهه" (Secondary attention) به چيو ويندو آهي.

هيءَ هڪ پڌري حقيقت آهي ته جيڪا شي اسان جي فعالي توجهه جي محتاج هوندي، ان ۾ توجهه کي خودبخود پاڻ ڏانهن ڇڪڻ جي صلاحيت نه هوندي. تنهنڪري انهن صلاحيتن جي غيرموجودگيءَ يا گهٽتائيءَ کي پنهنجي ڪوشش سان پورو ڪندا آهيون. "انفعالي توجهه" ۾ توجهه کي ڇڪڻ واريون شيون اسان تي اثر انداز هونديون آهن. مگر ان جي ابتڙ "فعالي توجهه" ۾ اسين شين تي اثر انداز هوندا آهيون، ان ڪري فعالي حالت ۾ هوندا آهيون. فعالي ۽ انفعالي توجهه ۾ فرق اسان جي فعاليت (Activity) ۽ انفعاليت (Passivity) جو آهي.

(3) ثانوي انفعالي توجهه: شروع ۾ سڀ ڪنهن ڪم ۾ فعالي توجهه جي ضرورت هوندي آهي. جڏهين هڪ شاگرد، نفسيات جو مطالعو شروع ڪري ٿو، ٿي سگهي ٿو ته پهريائين ڪيس مضمون غير دلچسپ ۽ خشڪ معلوم ٿئي ۽ ان جي پڙهڻ جي لاءِ هن کي پنهنجي پوري ڪوشش جي ضرورت پوي. جيڪڏهن اها همت ڪجهه لاڳيتو رهي ٿي ته پوءِ ڪا تبديلي پيدا ٿيو وڃي ۽ مضمون جا ڪي حصا ڪيس ڪنهن حد تائين دلچسپ نظر اچڻ لڳن ٿا. هو ڪنهن رسالي ۾ نفسيات جو ڪو مضمون ڏسي ٿو ته ان کي پڙهڻ جو اشتياق ٿئيس ٿو. هاڻي نفسيات جو مطالعو ڪيس ڏکيو نه ٿو لڳي، البت اها تبديلي آهستي آهستي پيدا ٿئي ٿي. پر اهو ممڪن آهي ته ان حالت ۾ به ڪيس ڪاليج ۾ نفسيات جي مطالعي لاءِ گهٽو ڪري "فعالي توجهه" کي ڪم ۾ آڻو پوي ۽ پوءِ ڪو اهڙو ڏينهن به اچي ٿو جو جڏهين هو نفسيات جي مطالعي ۾ دلچسپي محسوس ٿو ڪري ۽ انهيءَ مضمون ڏانهن اهڙو متوجهه ٿيو وڃي جهڙي وڏي گوڙ ۽ ڪن خاص قسم جي اشتهارن ڏانهن ٿيو آهي. جهڙيءَ طرح شاگردن ۾ نفسيات يا ٻين مضمونن لاءِ دلچسپي پيدا ٿيو وڃي، اهڙيءَ طرح ڪن شاگردن ۾ رانڌين لاءِ چاهه پيدا ٿيو وڃي. ٽينس راند جو شوقين شاگرد ڪاليج ڏانهن ويندي واٽ تي ٽينس جي مئچ ڏسڻ لاءِ ضرور ترسي پوندو. اخبار ۾ سنڌس نظر سڀ کان اول ٽينس راند بابت آيل مضمون تي وڃي پوندي. جيڪڏهن ڪلاس هلندي پروفيسر وچ ۾ ٽينس جو ذڪر ڪندو ته هن شاگرد جو منهن چمڪي ويندو ڇو ته ڪيس ٽينس راند سان خاص دلچسپي آهي. انهيءَ توجهه جو دارومدار انهن اندروني حالتن تي آهي جن کي "دلچسپيون" چئون ٿا.

نفسيات جو جرمن ماهر "هربرٽ" (Herbert) ذهن جي انهن دلچسپين کي تجرباتي ادارڪ/سمجهه جو نظام چوي ٿو. انهيءَ نظام جي وصف هن طرح ڪري سگهون ٿا ته "هي ذهن جو اهو خيالاتي نظام آهي جنهن کي گذريل ادارڪ تان اخذ ڪريون ٿا ۽ اهو اسان کي مجبور ٿو ڪري ته اسين انهي قسم جي ٻين خيالن ڏانهن متوجهه هجون." ممڪن آهي ته شروع ۾ اهو تجرباتي ادراڪي نظام محنت ۽ ڪوشش سان پيدا ٿيو هجي پر پوءِ ان ۾

هڪ درسي ڪتاب کي ڪٽي اوهين پسند نه به ڪريو ته به امتحان ڏيڻ جي خاطر ان جو مطالعو اوهان جي لاءِ ضروري هوندو آهي، تنهنڪري انهيءَ ڪتاب ڏانهن اوهان کي ڪوشش ۽ محنت ڪرڻي پوندي.

مقرر ماڳ.هائيپوسينٽر کان لڳ ڀڳ 3 ڪلوميٽر (2 ميل) پري اتر-اولهه ۾ هو. ڌماڪو يُوراڪامي واديءَ تائين محدود رهيو جڏهن ته شهر جو گهڻو حصو وچ ۾ موجود ٽڪرين جي ڪري محفوظ رهيو. هي ڌماڪو 21 ڪِلو ٽَن جي ٽِي اين ٽِي (TNT) برابر هو. جنهن سان اٽڪل 3900 ڊگري سيلسيَس (7000 ڊگري فهرنهائيٽ) گرمائش پيدا ٿي ۽ تيز هوا لڳ ڀڳ 1005 ڪلوميٽر في ڪلاڪ (624 ميل في ڪلاڪ) جي رفتار سان هلي.

ان ايٽمي بم سان جيڪي فوري موت واقع ٿيا تن جو تعداد 40 هزارن کان 75 هزارن تائين آهي. جڏهن ته 1945ع جي پُڄاڻيءَ تائين اهو انگ 80 هزارن تائين وڃي پهتو هو. مڪمل تباهيءَ جو نِيم قطر (ريڊيَس، radius) اٽڪل هڪ ميل (1.6 ڪلوميٽرن) تي مشتمل هو جنهن سان شهر جي اترئين علائقي سُوڌو بم جي ڏاکڻي پاسي ٻن ميلن (3.2 ڪلوميٽرن) تائين باهه لڳي وئي هئي.

پنهنجي فيصلي کان آگاهه ڪيو ته هُو آڻ مڃي رهيو آهي. 14 آگسٽ تي هيروهيتو پنهنجيءَ اهڙي آڻ جو اعلان رڪارڊ ڪرايو جيڪو ٻئي ڏينهن نشر ڪيو ويو. جيتوڻيڪ ان جِي فوجي نظام جي حامين ٿوري ٽِڪي انحرافي ڪئي هئي.

1945ع ۾ ٿي بمباريءَ کان پوءِ لڳ ڀڳ 40 هزار آمريڪي فوجين هيروشيما تي ۽ 27 هزار آمريڪي فوجين ناگاساڪيءَ تي قبضو ڪري ورتو.

**ايٽمي بم سانحي جي ڪميشن**

1948ع جي بهار جي مند ۾، 'ايٽمي بم سانحي جي ڪميشن' (ايٽامِڪ بمب ڪيزيُوئلٽِي ڪَميشن، Atomic Bomb Casualty Commission) يعني اي بِي سِي سِي (ABCC) **هينري ايس ٽرومين** پاران نيشنل اڪيڊمي آف سائنسز-نيشنل ريسرچ ڪائونسل کي ڏنل صدارتي حڪم موجب ناهي وئي، ته جيئن



ناگاساڪي ۾ هائيپوسينٽر (گرائونڊ زيرو) وٽ جوڙيل يادگار جتي ايٽم بم ڪيرايو ويو هو

**جپان تي وڌيڪ ايٽمي حملن جون رِٿائون**

آمريڪا آگسٽ جي ٽئين هفتي ۾ هڪ وڌيڪ ايٽمي بم ڪيرائڻ لاءِ تيار هو ۽ سيپٽمبر ۾ وڌيڪ ٽن بمن ۽ آڪٽوبر ۾ اڃا وڌيڪ ٽن بمن ڪيرائڻ جي تياري ڪيون ويٺو هو. 10 آگسٽ تي، مين هيٽَن (Manhattan) پراجيڪٽ جي مليٽري ڊائريڪٽر، ميجر جنرل **ليزلي گرووز** هڪ يادداشت نامو يونائيٽيڊ اسٽيٽس آرمي جي چيف آف اسٽاف: جنرل آف دَ آرمي **جارج مارشل** ڏانهن موڪليو، جنهن ۾ هن لکيو هو: "17 يا 18 آگسٽ کان پوءِ صاف فضا ۾ نئون ايٽمي بم (حملي لاءِ) تيار هوندو." ساڳي ڏينهن 10 آگسٽ تي، مارشل ان راءِ سان پنهنجائي ڪئي ته "اهو (بم) صدر جي اجازت بنا جپان تي نه ڪيرايو ويندو."

**جپان پاران شڪست قبولڻ ۽ آخري والار**

9 آگسٽ تائين، جنگي ڪائونسل شڪست قبولڻ وارن پنهنجن شرطن تي زور ڏئي رهي هئي. ان ڏينهن **ڪِيدو** کي **هِيروهيتو** حڪم ڏنو ته "صورتحال تي هڪدم ضابطو آڻيو... ڇاڪاڻ ته سوويت يونين اسان خلاف جنگ جو اعلان ڪيو آهي." ان کان پوءِ هُن شهنشاهي ڪانفرنس ڪوٺائي، جنهن ۾ هُن وزيرَ **ٽوگو** کي اختيار ڏنو ته هُو اتحادين تي چِٽو/پڌرو ڪري ته جپان **فقط هڪ** حالت ۾ انهن جا شرط قبوليندو ته پڌرنامو "اهڙِي ڪنهن به گُهر تي مشتمل نه هوندو جنهن ۾ بادشاهه سلامت سان عهدي جي حق کان ساڻُ خودمختيار حڪمران طور رکيو ويندو."

12 آگسٽ تي، شاهي ڪُٽنب کي شهنشاهَ

هيروشيما ۽ ناگاساڪي ۾ بچي ويلن تي شعاعن (ريڊيئيشنس) جي پوءِ وارن اثرن کي جاچي سگهجي. مرندڙن ۾ ڪيترائي اڻ ڳُهريا قُربانُ پڻ ٿيا هئا، جن ۾ اتحادي پِي او ڊبليُوز (POWs)، ڪوريائي ۽ چيني پورهيت، اسڪالرشپ تي آيل ملايا جا شاگرد، ۽ ٻيا 3 هزار 2 سَو جپاني-آمريڪي شهري پڻ شامل هئا.

**هِيباڪُوشا**

بمباريءَ ۾ زنده بچي ويل متاثرن کي هيباڪوشا (hibakusha) چئجي ٿو. جيڪو هڪ جپاني لفظ آهي جنهن جي لغوي معنىٰ 'ڌماڪي جا متاثر ماڻهو' آهي. 31 مارچ 2008ع تائين جپاني سرڪار پاران قبوليل 'هيباڪوشن' جو تعداد 2 لک 43 هزار 6 سَو 92 (243,692) هو. جن مان گهڻا جپان ۾ رهندڙ هئا. هيروشيما ۽ ناگاساڪي ۾ جوڙيل يادگارن تي هيباڪوشن جا نالا لکيل آهن. جيڪي بمباريءَ کان وٺي فوت ٿيا آهن. هر سال بمباريءَ جي ورسين تي اهڙن نالن کي نئون سنئون (اپ ڊيٽ) ڪيو ويندو آهي. جيئن آگسٽ 2008ع ۾ ڪيو ويو. جنهن موجب فهرست ۾ ڇڻن لکن کان وڌيڪ هيباڪوشن جا نالا درج ڪيل هئا. جن ۾ 2 لک 58 هزار 3 سَو 10 (258,310) هيروشيما جا ۽ هڪ لک 45 هزار 9 سَو 84 (145,984) ناگاساڪي جا هئا.

جپان جو نقشو




**بچي ويل ڪوريائي**

جنگ دوران، جپان پورهيي لاءِ ڪيترائي ڪيوريائي هيروشيما ۽ ناگاساڪي ۾ زوريءَ آڻي ڀرتي ڪيا هئا. تازن اندازن موجب اٽڪل 20 هزار ڪوريائي هيروشيما ۾ ۽ اٽڪل 2 هزار ڪوريائي ناگاساڪي ۾ مري ويا هئا.

(بقايا: صفحي 26 تي)

ترجمو: عبدالخالق ميٽو

# جديد دؤر ۾ ڪتاب جو مستقبل

[ڪتابُ (قلمي صورت ۾) انسان جو قديمي ۽ بهترين دوست آهي، جيڪو هزارين سالن کان وٺي انسان سان مختلف روپن ۾ گڏ رهندو آيو آهي، جنهن جو سبب ان جي اهميت ٿي هيو. * ڪتابُ هن دنيا جي تهذيب ۽ ترقيءَ جو هڪ بنيادي جزو آهي. دنيا جي هيءَ رونق ۽ رنگيني، خلا جي ڳُجهن ۽ سمنڊ جي اونهاين ۾ انسان جو سفر، ڪائنات جي لڪل ڳجهن جي ڳولا ۽ خود انسان جو پنهنجي ذات بابت شعور؛ اهو سڀ ڪجهه ان جي ڪري آهي ته هو جيڪو ڪجهه به دريافت ڪندو رهيو، ان کي ايندڙ نسل لاءِ ڪتابن ۾ محفوظ ڪندو رهيو ۽ پوءِ ايندڙ ماڻهن پهريَن ماڻهن جي تجربن، مشاهدن ۽ علم کي سمجهي ڳولا جي سفر کي اڳتي وڌايو. ڪتابُ نه هجي ها ته سقراط جي مقالمن جي ڏاهپ ۽ علم کان واقف نه ٿي سگهون ها، نيوٽن جا قاعدا ذهنن تان ميسارجي وڃن ها، علم جو سلسلو تيزيءَ سان اڳتي نه وڌي سگهي ها ۽ دنيا وڏي جهالت جي اونده ۾ هجي ها. * ڪتابَ جو وجود 2700 ق م اڳ سميري تهذيب ۾ ملي ٿو، جيڪو مٽيءَ جي تختين (Clay Tablets) جي روپ ۾ هيو ان کان پوءِ مختلف تهذيبن، جهڙوڪ عاشوري، بابلي، مصري، چيني وغيره مختلف روپن ۾ ڪتابَ کي وجود ۾ رکيو، جنهن ۾ پيپرس رول، پٿر، ڪاٺ، پن، ڪپڙو، پلاسٽڪ، ڪاغذ، وغيره شامل آهن. * سائنس جي ترقيءَ ڪتابَ جي وجود تي وقت به وقت اثر ڇڏيو. ان جو ثبوت اهو آهي ته اڄڪلهه عام رواجي ڪتاب اليڪٽرانيڪي، ڊجيٽل ۽ ورچوئل (Virtual) ٿي ويو آهي. - مترجم]

ڪتابُ اڄا تائين حاضر دور يعني ڊجيٽل ايج (Digital age) ۾ قائم ۽ دائم آهي، پر ان جو طبعي وجود، جنهن ۾ معلومات، اطلاع، تخليق، اتساهه ۽ نظريا شامل آهن، ٽيڪنالاجيءَ جي ذريعي تبديل ٿي رهيو آهي، جنهن لاءِ اهو خيال ڪيو ويو هو ته ٽيڪنالاجي ان کي پنهنجي حيثيت تان هٽائي ڇڏيندي. ٽيڪنالاجيءَ جي تاريخ تي مطالعو ڪندڙ هڪ عالم موجب، ان کي به مستقبل نظر اچي رهيا آهن؛ هڪ ڪتابن سان ۽ ٻيو ان کان سواءِ.

گذريل صديءَ جي 1990 واري ڏهاڪي ۾ اهو عام طور مڃيو ويندو هو ته ڪتاب جو خاتمو بلڪل قريب آهي، پر جيڪڏهن ڪتابَ (يا عام ڇپائي وارو مواد) ختم ٿي رهيا آهن يا ختم ٿيل آهن ته پوءِ ڇا لاءِ ڪتابن جو وڪرو سگهارو آهي؟ اليڪٽرانڪ ڪتابن (e-books) يا ٻين ڊجيٽل شين مشڪل سان ڪتابن جي مارڪيٽ ۾ ڪو فرق آندو آهي، جيڪو نه جي برابر آهي.

بنا ڪاغذن جي دفتر (Paper less office) کي ڪتابن جي پڄاڻي جو اعلان آڻيندڙ فرض ڪيو ويو، پر اهو اڄا تائين ظاهر ٿيڻو آهي. ان جي ابتڙ، تحقيقدان ابيجيل جي. سيلين (Abijail J Sellen) ۽ رچرڊ هارپر (Richard Harper) جي جوڙ مطابق: حقيقت ۾، دفتر بلڪل وڌيڪ ڪاغذ استعمال ڪري رهيا آهن.

جيتوڻيڪ ڪتاب جي پڄاڻي يا خاتمو مستقبل جو هڪ يقيني منظرنامو (Scenario) آهي ۽ اهو ان اٽل خاتمي يا پڄاڻيءَ کان تمام پري آهي. حقيقت ۾ ڪتاب جي پڄاڻيءَ ۾ جلدي اچڻ بدران، ڪمپيوٽرن ۽ ٻين ٽيڪنالاجين سڀ پچ ڇپيل ڪتابن جي پيداوار ۽ ڦهلاءَ، ورڇ، تقسيم وغيره جي سگهه کي همٿايو آهي ۽ ان کي يقيني بڻايو آهي ته ڪتاب اسان جي مستقبل جي حصي جيان قائم ۽ دائم رهندو.

ڪتابن کي هڪلي ڪيڏڻ واري قوتن ۾ 1. مخصوص ٽيڪنالاجيءَ جي موجودگي 2. صارفين جي ترجيح ۽ 3. علم، معلومات ۽ ڄاڻ جي ڪفايت/اقتصاديات (Economics of Information) شامل آهن. ڪتاب جو مستقبل معلومات جي ڪفايت جي ڪهڙي نموني/مثال (Model) مطابق يقيني سمجهيو ويندو: 1. يا ته ڪتاب غائب ٿي ويندا، ڇاڪاڻ جو قائم ۽ دائم ٽيڪنالاجيءَ جي ڪري ڊجيٽل ڄاڻ عام ٿي رهي آهي، 2. يا وري ڪتاب پڻ انفارميشن ٽيڪنالاجيءَ جيان موجود رهندا، ڇاڪاڻ ته ذهني ورثي (Intellectual Property) وارو تصور موجود رهندو.

## ڇا ڪتاب مستقبل ۾ هوندا؟ "ته"

مٿئين سوال جي جواب ۾ هڪ ادب شناس نظرين جي ماهر جي ڊيوڊ باٽلر (Jay David Bottler) 1991 ۾ قياس آرائي ڪئي ته جيڪڏهن اسين واقعي ڇپائيءَ جي جديد دؤر ۾ آهيون ته پوءِ اٿين ٿيندو، ڇاڪاڻ ته لکيل لفظن (يعني ڪتابن) جي پيداوار ۽ ورڇ/ تقسيم تمام تيزيءَ سان سائبر اسپيس (Cyber Space) يعني انٽرنيٽ ڏانهن منتقل ٿيندي. هڪ طبعي، جسماني شي کي هٿ ۾ ڪٽڻ بدران پڙهندڙ/ريڊر (Reader) هڪ اسڪرين کي ڏسندا پيا. جيڪا ڪتابن جي صفحن جي جاءِ والاريندي. هن اسڪرين کي ڪمپيوٽر جي عام مانيٽر جي ضرورت نه پوندي. ان اسڪرين کي جلد ئي وائرليس جي ٽيڪنالاجيءَ سان ڳنڍيو ويندو. ان جو مطلب ته پڙهندڙ اسڪرين تي ڪيترائي اليڪٽرانڪ صورت ۾ تبديل ٿيل ڪتابن (e-books) جا فائيل ڊائون لوڊ (Download) ڪري پاڻ وٽ محفوظ ڪري سگهندو. جيئن عام طور تي ڪمپيوٽر جي هارڊ ڊسڪ (Hard disk) ۾ ڪندا آهيون. ڪاليج جي شاگرد کي فقط اليڪٽرانيڪي ڪتابن جي فائيلن جي ضرورت پوندي. ڪيترائي ڪتاب يعني ان جو سمورو ٿيلهو صرف ان اسڪرين اندر سمائجي ويندو، پوءِ ان کي ڪتابن بدران صرف هٿ جيترو، هٿ ۾ ڪڄندڙ اوزار نظر ايندو.

اليڪٽرانيڪي رسالي جو ڇپجڻ عالمن سڳورن وٽ اڳواٽ ئي عام رواج آهي: ليکڪ رسالي جو مضمون (Article) تيار ڪندو آهي ۽ پوءِ ان کي ڪمپيوٽر جي ذريعي اليڪٽرانيڪي صورت ۾ اي-ميل وسيلي رسالي جي ايڊيٽر ڏانهن موڪليندو آهي. رسالي جو ايڊيٽر ان مضمون جي ڪمپيوٽر جي ذريعي چنڊڇاڻ ۽ اصلاح ڪندو آهي. فقط آخري مرحلي ۾ پيداواري عملو ان مضمون ۾ ٻي مواد کي هڪ ڇپيل رسالي جي صورت ۾ آڻيندو آهي، جيڪو پوءِ جلد بند ڪيو ويندو آهي. ان کان پوءِ ڪتبخانن، مختلف ادارن ۽ پڙهندڙن ۽ مارڪيٽ ڏانهن اماڻيو ويندو آهي. آن لائين رسالن جي صورت ۾ ان آخري مرحلي کان جند ڇڏائي وئي آهي: ڇپائيءَ ۽ جلدسازيءَ بدران رسالي جو ايڊيٽر ان

سموري رسالي کي صارفين لاءِ پنهنجن مضمونن ۽ اشتهارن سان گڏ انٽرنيٽ وسيلي ويب پيج (Web page) تي چاڙهي (Up load) ڇڏيندو آهي. ڪجهه حالتن ۾ انٽرنيٽ تي ان رسالي تائين پهچ (Access) مفت آهي. اهو ممڪن آهي. ڇاڪاڻ جو ڇپيل رسالن جي ڀيٽ ۾ ڇپائي ۽ ورڇ/تقسيم (Distribution) جون قيمتون بلڪل ٻڙيءَ برابر آهن.

جديد معاشي نظريو علمي-معلوماتي مواد (جهڙوڪ: مضمون، رسالا، ڪتاب وغيره) جي اثاث جي مطالعي تي بنياد رکي ٿو. ان مطابق شيون قيمتي آهن، 1. ڇاڪاڻ ته اهي ڪباٽي، ڇٽ ڪري سگهجن ٿيون، 2. يا وري ڇاڪاڻ جو اهي فقط هڪ ئي وقت هڪ ئي ماڻهوءَ کان استعمال ڪري سگهجن ٿيون. جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪوئلي جي ڍير کي ٻاري ٿو ۽ پوءِ اُهو ٻي ماڻهوءَ کي استعمال ڪرڻ لاءِ ان جي حوالي نہ ٿو ڪري سگهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو هڪ موٽر ڪار خريد ڪري ٿو، تہ ٻيو ڪو بہ ان کي ساڳئي وقت نہ ٿو وٺي سگهي.

علم، معلومات، ڄاڻ کي نہ ئي دشمن جو خوف آهي ۽ نہ ئي اِها کسي يا ڦري سگهجي ٿي. اِها هڪ ئي وقت ۽ هڪ ئي قيمت ۾ ڪيترن ئي ماڻهن ۾ ورهائي سگهجي ٿي. هڪ آن لائين رسالي کي يا ان جي مضمون کي ساڳئي وقت دنيا ۾ هزارين ماڻهو ڏسي ۽ پڙهي سگهن ٿا. ان جي گهر ويٺي ڇپائي (ڪمپيوٽر جي پرنٽر وسيلي)، ايڊيٽر واري ڇپائي، جلد بندي ۽ رسالي جي ڀيٽ ۾ ڪا بہ قيمت نہ ٿي رکي. ڪنهن بہ رسالي جي مضمون کي (جيڪو ڊجيٽل ۽ آن لائين هوندو آهي) پڙهندڙ ان جو چڱي طرح مطالعو نہ ٿا ڪن ڇاڪاڻ جو اهو مضمون آسانيءَ سان ۽ سستائپ سان ٻيهر ۽ ورائي ورائي پنهنجي پرنٽر تي ڇاپي سگهجي ٿو. توهان جي دلچسپي ان ساڳئي مضمون ۾ ڪنهن ٻئي پڙهندڙ کان ساڳيو مضمون نہ ٿي کسي سگهي. ٻرندڙ ڪوئلن وانگر نہ. ڪيترائي پڙهندڙ آن لائين رسالي جي ساڳئي مضمون جي معلومات کي ڇٽ ڪرڻ يا ختم ڪرڻ کان سواءِ استعمال ڪري سگهن ٿا ۽ نہ وري هڪ طبعي، جسماني شي وانگر علم، ڄاڻ يا معلومات کي ختم ڪري سگهجي ٿو. علم، ڄاڻ يا معلومات کي اليڪٽرانيڪي صورت ۾ پيدا ڪيو ويندو آهي ۽ تقسيم ڪيو ويندو آهي تہ اها بغير دشمن ۽ ڦر/ڪسجڻ واري صورت ۾ رهي سگهي ٿي. علم، ڄاڻ يا معلومات هڪ جسماني شي نہ آهي ۽ انٽرنيٽ جي ڦهلاءَ اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ علم، ڄاڻ يا معلومات فنا ٿيندڙ/عارضي ڊيٽا بٽس (Data Bits) آهن جيڪي معاشيات جي رواجي قانونن تي ڪو بہ اثر نہ ٿيون وجهن.

قانون جو عالم لارينس ليسنگ (Lawrence Lessig) پنهنجي ڪتاب "خيالن جو مستقبل" (Future of Ideas) ۾ بحث ڪندي لکي ٿو تہ پرنٽنگ پريس جي ايجاد ٿيڻ کان اڳ وچين دؤر جي عالمن نظرين، علم، مشاهدن، تجربن وغيره کي ذهانتي ورثو (Intellectual Property) نہ سمجهيو پر ان کي عام، مشترڪ ۽ عوامي حيثيت ڏني. انٽرنيٽ اصولي طور تي عام، عوامي ۽ مشترڪ بڻائي وئي هئي. جيڪي بہ نظريا، علم، معلومات، تجربا ۽ مشاهدا وغيره ان تي وهڪرو ڪن پيا، تن کي سڀ ڏسي سگهيا پئي.

جڏهن ڪو بہ پنهنجي خيال، تجربي ۽ مشاهدي، علم، معلومات وغيره کي ظاهر ڪرڻ گهرندو آهي تہ اهو ان کي شايع ڪرائيندو آهي تہ جيئن اهو عوام تائين پهچي. نظريا، علم، معلومات، تجربا ۽ مشاهدا وغيره جڏهن اوهان جي ذهن ۾ هوندا آهن تہ اهي ذاتي هوندا آهن ۽ جڏهن اهي اوهان جي ذهن مان نڪري ذرائع ابلاغ جي وسيلي عام ٿيندا آهن تہ اُهي پوءِ عوامي ٿيندا آهن. سچ پچ پرنٽنگ پريس جي آمد کان اڳ نظرين، علم، معلومات، تجربن ۽ مشاهدن وغيره کي عوام ۾ ٻن رستن سان شايع ڪيو ويندو هو: 1. اُن کي ڏاڍيان پڙهيو ويندو هو، 2. يا وري هٿ سان لکي ورهايو ويندو هو. ٿامس جيفرسن جي چوڻ مطابق علم ميڻ بتيءَ جي مثال آهي. منهنجي ميڻ بتيءَ مان توهان جي ميڻ بتيءَ جو ٻرڻ، ان جي شعلي جي مقدار کي گهٽ يا ختم نہ ٿو ڪري سگهي. هُو وڌيڪ بحث ڪري ٿو تہ انسان ذات جي سربلنديءَ لاءِ علم کي سڄي دنيا ۾ ڦهلائڻ گهرجي ۽ اِهو ئي سبب آهي جو معلومات/علم کي بٽس (Bits) جي صورت ۾ انٽرنيٽ/سائبر اسپيس ۾ سپني لاءِ ورهايو پيو وڃي.

گهٽ ۾ گهٽ، اها انٽرنيٽ جي ممڪنائپ آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ ذرائع ابلاغ جي وڏن ادارن ـــ دلالن (Middlemen) ـــ ليسگ (Lessig) جي راءِ کي تنقيد ۾ وڌو آهي. انهن حق تصنيف (Copyright) جي خيال کي غلط استعمال ڪيو آهي. علم بابت ضابطو برقرار رکڻ ناڪاره بڻايو آهي؛ انهن سميت جيڪي انٽرنيٽ/سائبراسپيس ۾ گذري رهيا آهن. نيپسٽر (Napster، موسيقي جي ورهائڻ واري ويب سائيٽ) جو بند ٿيڻ اشارو آهي، ڇاڪاڻ تہ ذرائع ابلاغ جا جن ۽ ڀوت (Media Giants) پنهنجي ضابطي برقرار رکڻ جي هر هڪ ڪوشش ڪندا. فلم، موسيقي، لکتين، ڪمپيوٽر جا ڪوڊ ۽ سڄي ڄاڻ تي، جيڪا ممڪن آهي تہ انٽرنيٽ/سائبر اسپيس تي وهندي/گذرندي.

مشهور ڪارٽونسٽ اسڪاٽ مِڪ ڪلائوڊ (Scott McCloud) بيان ڪري ٿو تہ تنهن هوندي بہ هاڻي دلالن کي روڪڻ ممڪن آهي. مثال طور اليڪٽرانيڪي پيداوار ۽ تقسيم انهن جي ليکڪن ۽ پڙهندڙن لاءِ وڏو فائدو آڻيندي. اها مذاحيہ ڪتابن (ممڪن آهي سڀئي ڪتاب) جي معاشيات کي تبديل ڪري سگهي ٿي. هُو پنهنجي ڪتاب "مزاح جي ٻيهر دريافت" (Re-inventing Comics) ۾ لکي ٿو تہ ڊجيٽل ٽيڪنالاجي فنڪارن، ليکڪن ۽ ٻين مواد جي تخليقڪارن کي پنهنجي تخليق لاءِ وڏو ضابطو (Control) برقرار رکڻ جي اجازت ڏئي سگهي ٿي ۽ اُهي ان مان وڌيڪ ڪمائي بہ سگهن ٿا. مڪ ڪلائوڊ مطابق مزاحيہ ڪتاب جي سراسري قيمت 3 ڊالر آهي، جنهن مان ناشر، ڇاپيندڙ، ورهائيندڙ ۽ دڪاندار سڀئي پنهنجو ڀاڱو ڪٽن ٿا. باقي 30% ان جي تخليقڪار لاءِ ڇڏين ٿا. هڪ اليڪٽرانيڪي تقسيم (چندي تي بنياد رکندڙ نظام / An electronically distributed subscription based system ) جيڪو ليکڪ/تخليق ڪندڙ ضابطي هيٺ ليکڪن کي پنهنجن خيالن، فڪرن، نظرين جي ورهاست ۽ ان جي منافعي لاءِ بہ اجازت ڏيندو. پر وڏي رڪاوٽ ان خواب لاءِ اها آهي تہ پڙهندڙ انٽرنيٽ تي آيل مواد لاءِ ڏوڪڙ ادا ڪرڻ لاءِ تيار نہ هوندا آهن. هيستائين تمام ٿورا ماڻهو ان لاءِ تيار آهن.

اهڙي منظرنامي ۾، ذهني ورثو (Intellectual Property) ختم ٿي ويندو ڇاڪاڻ جو طبعي، جسماني شيون اهڙي ملڪيت لاءِ ـــ ڇپيل ڪتابن سميت ـــ ختم ٿي چڪنديون. ڊجيٽلائيزيشن لکيل شي کي سستو، آسانيءَ سان ٻيهر پيدا ڪرڻ، تڪڙو ڦهلائڻ/تقسيم ڪرڻ، ساڳئي وقت سڀني کان استعمال ڪرڻ جي لائق بڻائي ٿي.

## چا مستقبل ۾ ڪتاب هوندا؟ "ها"

اها ڇپيل ڪتابن جي تاريخي اهميت هئي جو ان، لکيل معلومات/علم کي ذهني ورثي ۾ تبديل ڪيو. هڪ طبعي شي جنهن جي تقسيم ، ڦهلاءَ ۽ ورڇ تي ضابطو ڪري سگهجي ٿو. ڇپيل نموني ۾ نظريا، فڪر، خيال ۽ معلومات ٺهيل ٺڪيل مواد آهن، جنهن تي رسائي ۽ طلب جا ساڳيا قانون اثرانداز ٿين ٿا، جيڪي ٻين طبعي شين تي راڄ ڪن ٿا. اهو يقيني آهي ته مستقبل ۾ ڪتاب موجود هوندا، ڇاڪاڻ جو انتي معاشي لالچ (Economic Incentive) آهي. ليکڪ ۽ ٻيا حق تصنيف رکندڙ پنهنجي ذهني ورثي کي برقرار رکندا. ڇاڪاڻ جو اهي طبعي شيون آهن، انهن کي ڇهي سگهجي ٿو. هي اِهو ساڳيو بحث نہ آهي، تہ ڪتاب قائم ۽ دائم رهندا، ان ڪري جو پڙهندڙ انهن کي سمنڊ ڪناري تي کڻي وڃڻ سولو محسوس ڪندا. ان جي ابتڙ منهنجو بحث اهو آهي تہ ذهني ورثي جي معاشيات ( Economics of Intellectual Property) ان کي جلد ٿيل ۽ رواجي ڪتابي نموني ۾ قائم ۽ دائم رکڻ ضروري بڻائيندي.

اسان اِهو تصور ڪيو هو تہ ڪمپيوٽر پرنٽنگ پريس ڪان وڏيڪ هوندو. پريس لکڻين جي پيداوار ۽ تقسيم جي شڪل کي تبديل ڪيو پر ان جي نموني يا بناوت کي نہ. اهو ممڪن آهي تہ ڪمپيوٽر کي بہ ڇپيل ڪتابن جي پيداوار ۽ تقسيم وارو اثر هجي. مستقبل ۾ ڪتاب هاڻي وارن ڪتابن ڪان مختلف نمونن جا ٿيندا، پر صورت ۾ اُهي اسان کي گهٽو رواجي محسوس ٿيندا. ڪمپيوٽر ڪتابن جي پيداوار ۽ تقسيم تي اثر ڪندو پر انهن جي طبعي ڏيک تي ٿورو اثر وجهندو. مثال طور طلب تي ڇپائي (Print on demand) واري ٽيڪنالاجي تي غور ڪريون. هن ٽيڪنالاجيءَ ۾ لکيل مواد اليڪٽرانيڪي طريقي سان ڪمپيوٽر ۾ جمع ڪيو ويندو آهي؛ جڏهن گراهڪ ان ڪتاب جي ڪاپي (تعداد ۾ هڪ هجي يا هڪ سؤ کان بہ وڌيڪ) چاهيندو تہ پوءِ ڇاپي ۽ جِلد بند ڪري سگهجي ٿي. ان کان پوءِ اها گراهڪ ڏانهن ملڪ اندر يا ملڪ کان ٻاهر موڪلي ويندي. خريدار هڪ ڏينهن ڪتاب فروشن وٽ ڪتاب ناهڻ جون مانڊڙيون (Kiosk) پڻ ڏسندا؛ ساڳي طريقي سان جيئن اڄڪلهہ ڪو بہ هال مارڪ (Hall Mark) ڪمپنيءَ جي مانڊڙيءَ تان پنهنجي چونڊ مطابق ڪتاب حاصل ڪري سگهي ٿو. مستقبل ۾ گراهڪ پڻ هر هڪ ڪتاب فروش وٽان اهڙي نموني ڪتاب حاصل ڪري سگهندو: صرف پنهنجي چونڊ مطابق فهرست مان ڪتاب جو عنوان چونڊيو ۽ 15 منٽ انتظار ڪريو يا ايسيتائين جو اِهو ڪتاب ڇپجي وڃي ۽ جِلد بند ٿئي، پوءِ هڪ نئين ڪتاب سان گهر واپس اچو. اسين اها ٽيڪنالاجي پڻ گهر ۾ رکون ٿا. مستقبل ۾، ان جي بدران جو هڪ ماڻهو ڪنهن بڪ اسٽور، مثلاً: اميزون (Amazon)، البرس (Alibris) وغيرهہ کي آرڊر ڏئي، پوءِ ان جي رسائيءَ (ڪورئر سروس ذريعي) جو انتظار ڪيو. ڪوئي بہ آسانيءَ سان اهو ڪتاب گهر ويٺي پنهنجي ڪمپيوٽر ۽ ان جي پرنٽر وسيلي تيار ڪري سگهي ٿو.

اهڙن وقتائتن (Just in time) پيداواري طريقن جو مطلب آهي تہ ڪوئي بہ ناشر پنهنجي ڪتابن جي ٿوري تحقيق وسيلي رسائي ۽ طلب جي پيٽ ڪري سگهي ٿو. ڪتاب جون 1000 ڪاپيون ڇپڻ ۽ 500 ڪاپيون وڪرو ٿيڻ بدران هڪ ناشر فقط ٿورو تعداد ڇاپي سگهي ٿو. جيڪو ان جي طلب کي مطمئن ڪري ٿو. ان نظريي ۾، ڪو بہ ڪتاب ڪڏهن بہ ختم (Out of print) نہ ٿو ٿي سگهي. اهو فقط اليڪٽرانيڪي صورت ۾ غيرسرگرم يا واندو (Idle) ٿيندو ۽ ايستائين جو ڪهڙي بہ وقت: ڪتاب واري صورت ۾ اچڻ لاءِ هر وقت تيار هوندو. انٽرنيٽ تي ڪتابن کي مفت ۾ ورهائڻ بدران، جيتوڻيڪ ناشر ان کي ٽپال وسيلي موڪليندو جيڪي ان کي ڏوڪڙ ڏيندا يا وري انٽرنيٽ ذريعي ان ڪتاب کي وري آن لائين صورت ۾ رسائيءَ جو پئسن عيوض ڪوڊ ڏيندو. پر ياد رکو تہ هن سموري ڪمپيوٽر واري عمل جي آخري پيداوار آهي ڪتاب جي شڪل ۾ طبعي شي.

### ڪتابن جي صورت کي تبديل ڪرڻ

جيتوڻيڪ ڪتاب مستقبل ۾ پڻ اڄوڪي ڪتابن واري صورت ۾ ساڳيا نظر ايندا. فقط ڪاغذ مختلف هوندا. زيراڪس پارڪ ليبارٽريءَ تحقيق ذريعي تازو سمارٽ پيپر (Smart Paper) ٽيڪنالاجي متعارف ڪرائي آهي، جنهن کي گائريڪان (Gyrecon) سڏيو وڃي ٿو. (اها ساڳي ٽيڪنالاجي اِي-انڪ (E-Ink) ۽ فلپس اليڪٽرانڪس ( Philips Electronics) وارن کان بہ تيار ڪئي وئي آهي.) هيءَ هڪ سنهي، لچڪدار، رٻڙ وارو تهہ/چادر يا ڪاغذ آهي، جيڪو ڪروڙين ننڍڙن بالن جو ٺهيل آهي. اهي بالَ هڪ پاسي کان ڪارا ۽ ٻئي پاسي کان اڇا آهن. جڏهن انهن کي چارج ڪيو ويندو آهي تہ اُهي بال اهڙيءَ طرح گول گهمندا آهن جو هڪ عڪس نهي پوندو آهي پوءِ چو نہ اُها لکڻي هجي يا ڪا تصوير. سمارٽ پيپر واري ٽيڪنالاجي ايل سي ڊي (LCD) وانگر نظر ايندي، پر ان جي سطح يا مٿاڇرو نرم ۽ لچڪدار هوندو.

مستقبل ۾ ان ٽيڪنالاجيءَ واري ڪتاب کي ڪيترائي سمارٽ پيپر هوندا ۽ ان جي پٺ (Spine) ۾ اليڪٽرانيڪي پرزا لڳل هوندا، جن ۾ توهان ڪيترائي اليڪٽرانيڪي صورت ۾ تبديل ٿيل ڪتاب داخل ڪري سگهو ٿا. پوءِ توهان ان جو اهڙين مزو محسوس ڪندؤ جيئن عام رواجي ڪتاب. اهو ڪتاب چرپر ڪندڙ تصويرون ۽ ڇاپا ۽ انهن سان گڏ آواز پڻ ٻڌائيندو.

اهڙي منظرنامي ۾ ڪتاب جي اهميت، افاديت ۽ سالميت ختم نہ ٿيندي. بلڪل ان جي ابتڙ اهي مٿانهان مادي (Hyper Material) يعني اعلىٰ، اوچو، وڌ کان وڌ معلوماتي/علمي مواد ٿيندا.

### معلومات جي معاشيات (The economics of information)

ڪتاب پنهنجي مواد جي اهميت ڪري قائم ۽ دائم رهندا. هڪ طبعي شي هجڻ ڪري ڪتاب علم، فڪر، نظرين، ڄاڻ، تفريح، اتساهہ ۽ تخليق کي سمائيندڙ آهن. ان جي ڪري ان کي دشمن ۽ ڪسجڻ جو پؤ آهي. انهن حالتن ۾ ضروري آهي تہ ذهني ورثي کي برقرار ۽ ضابطي ۾ رکڻ گهرجي. ڪتاب انفارميشن ٽيڪنالاجيءَ جيان قائم ۽ دائم رهندا ۽ ائين ٿيندو ڇاڪاڻ جو ليکڪن ۽ ناشرن کي ان جي طبعي صورت ۾ رکڻ لاءِ معاشي فائدا ۽ دلچسپيون آهن.

ڪتاب اڃا تائين غائب يا ختم نہ ٿيا آهن ۽ نہ ئي ڪڏهن ختم ٿيندا، جو ان جو وڏو سبب علم، معلومات جي نئين معاشيات آهي، جيڪا ذهني ورثي جي جڳهہ وٺندي. مِڪ ڪلائوڊ لکي ٿو تہ مون اليڪٽرانيڪي ڪتابن جي وڪري مان اندازو لڳايو آهي تہ انهن کي پڙهندڙن گرم جوشيءَ سان سيني سان نہ لڳايو آهي. ان جو وڏو سبب اهو هوندو تہ جيڪڏهن معلومات بغير دشمنيءَ واري آهي (مطلب تہ ان کي ورهائي سگهون ٿا)، ۽ جيڪڏهن انٽرنيٽ/سائبراسپيس هن بغير دشمنيءَ واري معلومات کي مفت ۾ تقسيم ڪرڻ جو ذريعو آهي تہ پوءِ ڪوئي بہ ان لاءِ ڏوڪڙ ڇو ڀريندو؟

جيڪڏهن اليڪٽرانيڪي/ڊجيٽل مواد جا ليکڪ چاهين ٿا تہ انهن کي پنهنجي مواد لاءِ ڪجهہ رقم ادا ڪئي وڃي تہ پوءِ انهن کي

ٿي وڃي نشريات ڪندڙن وانگر ڪم ڪرڻو پوندو ۽ اهو ممڪن آهي، يعني اهي پنهنجي مواد اندر اشتهار شايع ڪن. جيئن اڄڪلهه انٽرنيٽ جا ويب پيج اشتهارن سان ڀريل هوندا آهن ۽ وري ٻيا اشتهار پاڻ مرادو ان ويب پيج سان ڪلي پوندا آهن. ساڳيءَ طرح سان هن اليڪٽرانيڪي/ ڊجيٽل مواد جا ليکڪ ڏوڪڙ ڪمائڻ لاءِ ٻي چونڊ به ڪري سگهندا. عوامي خانرو ۽ تفريحي ادارا انهن جي مواد کي مفت پيش ڪن پر ڏسندڙن کي پئسا ادا ڪرڻ جو واعدو ڪرڻو پوندو. لارينس ليسگ (Lawrence Lessig) پنهنجي ڪتاب ”خيالن جو مستقبل“ (Future of Ideas) ۾ تصور ڪري ٿو ته معلومات جي آن لائين دنيا يعني انٽرنيٽ کي موسيقي، ڪمپيوٽر پروگرامن، لکڻين ۽ ٻي گهڻو ڪجهه جا تخليقڪار پنهنجو مواد مفت ۾ تقسيم ڪري رهيا آهن. ڇاڪاڻ جو انٽرنيٽ جو اصل مطلب ئي اهو هيو. اهڙي نظام تحت تخليقڪار پنهنجي مواد عيوض فائدو (دولت) حاصل ڪرڻ تمام ڏکيو محسوس ڪندا. حقيقت ۾ اهو محسوس ٿيندو ته جيڪي دولتمند آهن يا وري انهن کي آمدنيءَ جو ٻيو ڪو ذريعو آهي سي مواد جي تخليق جي قابل ٿيندا. ڇاڪاڻ جو اُهي پنهنجي تخليق جي آمدنيءَ تي نه ٿا ڀاڙين.

ليسگ جي مثال ۾ معلومات جا تخليقڪار، اڄ جي تعليمدانن وانگر مشابهت رکندا. جن مان اڪثر دولت ڪمائڻ لاءِ نه، پر پنهنجي تعليمي اداري جي وقار کي قائم ڪرڻ لاءِ لکندا آهن. جيڪا انهن جي ”بنيادي اطلاعي ڄاڻ نامي“ (Curriculum Vitae) تي هڪ واڌاري سٽ (Line) ٿيندي آهي ۽ قابليت کي مضبوط ڪندي آهي. ان ڪري گهڻي ڪان گهڻو لکندا يا تخليق ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح اها انهن لاءِ هڪ قسم جو سِڪو ٿي پوندي آهي ۽ اهي ادارا يا وري ٻيا ادارا انهن کي ان جي تخليق جي بنياد تي ادا ڪندا آهن ۽ وڏي ڪان وڏو عهدو ڏيندا آهن. بي شڪ ڪتاب جي ايجاد ليکڪن کي انهن جي آمدنيءَ تي پنهنجي ڪم ڪرڻ لاءِ گذر ڪرڻ جي اجازت ڏني ۽ انهن کي سرپرستيءَ واري نظام (Patronage system) کان آزاد رکيو جيڪو انهن کي ان کان اڳ مالي مدد ڏيندو هو. ليسگ جي مثال ۾: ليکڪ کي غير پيشيوَر يا تعليمي استاد يا ڪو ٻيو ٿيڻو پوندو، جيڪي ٻيهر سرپرست گهرن. پنهنجي تخليق کي مفت ورهائڻ جي صورت ۾.

جيڪڏهن ڪتابن جا پيدا ڪندڙ ۽ استعمال ڪندڙ علم، معلومات ۽ ڄاڻ کي ملڪيت يا ورثو سمجهڻ بند ڪن، ته پوءِ وچين دؤر (Medieval age) وانگر علم، معلومات ۽ ڄاڻ کي سڀ/عام لاءِ مفت سمجهيو ويندو ۽ پوءِ ڪتاب وڏيڪ ضرورت ۾ محسوس نه ٿيندا. حقيقت ۾ پوءِ صرف علم، معلومات ۽ ڄاڻ جون عارضي بٽس (Bits) ئي مسئلو ٿينديون. حقيقت ۾ ڪتاب هن عوامي ڊجيٽل صورت واري سهولت تائين پهچڻ ۾ رڪاوٽ ٿيندا. اسين واقعي ڇپائي جي جديد دؤر ۾ رهون ٿا. جيتوڻيڪ ان ٽيڪنالاجيءَ بابت غير يقيني معاشي سوال اڀريا آهن. اسان جي ذهني ورثي واري حقن جي نظام کي ٽيڪ مستقبل ۾ جاري رکڻ لاءِ ڪير رقم ڀريندو ۽ ڪير مهيا ڪندو. ته ڪوئي به ڪڏهن به ان جو نهڪندڙ جواب نه ڏيندو.

صرف ٽيڪنيڪي تبديلي اڪيلي سر ڪتاب جي ختم ٿيڻ يا غائب ٿيڻ ۾ تڪڙ نه ڪندي. ان جي بدران معاشي عامل — علم، معلومات ۽ ڄاڻ جي پيدا ڪندڙن ۽ صارفين جا ورتاءَ (Behavior) اهم ڪردار ادا ڪندا. جيڪڏهن معلومات هڪ ذهني ورثو رهي ته پوءِ ليکڪن ۽ ناشرن کي هن بهترين موجوده ٽيڪنالاجيءَ جي ذريعي ورثي مٿان ضابطو برقرار رکندا يعني ڇپيل ڪتاب.

## بقايا: سارس

هن مرض کان ڇنڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ ناڪافي سمجهي پئي وڃي. البت مختلف دوائون گڏ ڏيڻ سان مريض جي حالت ۾ بهتريءَ جي لاءِ ڪوششون جاري آهن. ياد رهي ته سارس ۾ مبتلا مريض کي فوري طور تي اسپتال منتقل ڪرڻ گهرجي ته جيئن ان کي هڪ خاص ماحول ۾ رکيو وڃي ۽ کنهن به هنگامي صورت حال کي منهن ڏيڻ لاءِ ڀرپور امداد ڏئي سگهجي.

**ڇا بچاءُ ممڪن آهي؟**

اسپتال جو عملو سارس جي مريضن جي سارسنڀال دوران چهري تي ماسڪ، هٿن ۾ دستانا ۽ ڪپڙن مٿان گائون ضرور پائي، مريض جي معائني ڪرڻ يا ان کي ڇهڻ کان پوءِ چڱيءَ طرح هٿ صابڻ سان ڌوئي. عام ماڻهو پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ صفائي سترائيءَ جو خيال رکي، ڪاڪوس مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ هٿ صابڻ سان چڱيءَ طرح ڌوئي، ڪاڪوس ۾ ريڙهيون پائيندڙ جيتن کان بچاءَ لاءِ ڦوهارو ڪري، اهڙن ملڪن ۽ علائقن جو سفر ڪرڻ کان پاسو ڪري جتي هيءَ بيماري وبائي صورت اختيار ڪري چڪي هجي. عالمي صحت جي اداري به ان ڳالهه جي سفارش ڪئي آهي. اسان لاءِ هيءَ سٺي خبر آهي ته اسان جو ملڪ هن مرض کان بچيل آهي پر اسان کي ايندڙ خطرن کان بچاءَ لاءِ هاڻي ئي بندوبست ڪرڻ گهرجي. پنهنجي چوڌاري ڦهليل گندگيءَ ۽ غلاظتن جي ڍير کي ختم ڪرڻ گهرجي. نلڪن توڙي ڪاڪوسن کي صاف سٿرو رکڻ گهرجي. نيڪال لائينون درست رکون ۽ کنهن به قسم جو گندو پاڻي يا غلاظت گهر يا محلي ۾ گڏ ٿيڻ نه ڏيون. ان کان علاوه پنهنجي جسم کي به مڪمل طور صاف سٿرو رکون.

**سارس کان بچاءَ جي ويڪسين:**

ڪينيڊا جا سائنسدان هن موذي مرض جي ويڪسين تيار ڪرڻ لاءِ ڪوشش ۾ رڌل آهن ۽ ڪامياب تجربن ڪرڻ جي هنن دعويٰ ڪئي آهي.

ذميدار شهري هجڻ ناتي اسان جي هيءَ ذميواري آهي ته جيڪڏهن کنهن شخص کي مٿي بيان ڪيل علامتون ڏسون ته انهي کي فوري اسپتال پهچايون ته جيئن سندس زندگي بچائي سگهجي. ٻاهرين ملڪن مان ايندڙ سيني ماڻهن (خاص ڪري متاثر ملڪن کان اچڻ وارن) کي اچڻ وقت بنا دير ڊاڪٽر سان رابطو ڪرڻ گهرجي ته جيئن بروقت طبي امداد ڏئي خطرن کان بچي سگهجي.

ايئرپورٽ جي عملي جي به هي ذميواري آهي ته اهڙا ملڪ جتي هيءَ بيماري وبائي صورت اختيار ڪري وئي آهي اتان ايندڙ سيني مسافرن جي مڪمل جاچ کان پوءِ انهن کي ايئرپورٽ کان ٻاهر وڃڻ جي اجازت ڏين. ان کان علاوه زميني ۽ بحري رستن کان اچڻ وارن سيني ماڻهن جي به جاچ تمام ضروري آهي ته جيئن ٻاهرين ذريعن کان سارس وائرس جي آمد کي هر ممڪن طريقي سان روڪي سگهجي.

وضاحت: ’سائنسي سوچ‘ جي گذريل چوٿين ڪڙيءَ ۾، ٻنئين ٽائيٽل تي، تصويرن جو عنوان هن ريت پڙهيو وڃي: ”آني کان چُوزي تائين“.

# تاري جو فنا ٿيڻ
# (Death of Star)

ترجمو: جاويد حسين وڏو

تارا سدائين لاءِ نہ رهندا آهن. ڪائنات وانگر، تارا جيئن جيئن جهونا ٿيندا آهن تيئن تيئن پکڙبا (ايڪسپينڊ، expand) آهن. ننڍا تارا، جهڙوڪ اسان جو سج، پکڙجي (وڏي) نيٺ جَهڪا ٿي ويندا آهن. ٻئي طرف وڏا تارا وڏيڪ چمڪڻ لڳندا آهن جڏهن اهي ختم ٿيڻ ويجهو رَسندا آهن ۽ وڏي ڌماڪي جي صورت ۾ فنا ٿي پوندا آهن.

**تاري جو جنم** (A Star is born)

تارا تڏهن ٺهندا آهن جڏهن ڪشش ثقل پنهنجين قوتن سان هائڊروجن گئس کي گهاٽو/ٺهرو ڪري ڦرندڙ ڪڪرَ ٺاهيندي آهي. جيئن جيئن ڪڪر تيز ڦرڻ لڳندا آهن تہ هائڊروجن جا ايٽم هڪ ٻئي سان زور سان لڳندا آهن، جنهن سان وڏي گرمي نڪرندي آهي ۽ ان سببان گئس تپي ڳاڙهي ٿي پوندي آهي. وقت گذرڻ سان، اهي تپي ڳاڙها ٿيندڙ گئس جا ڪڪر آڳَل تارو (پروٽو اسٽار، Protostar) سڏبا آهن ۽ اهي وڌڻ جاري رکندي، تارو (اسٽار، Star) ٿي پوندا آهن.

**وڏو نئون تارو (سُپرنووا**، Supernova)

جيئن ئي تارو تپي ڳاڙهو ٿيڻ جاري رکندو تہ ان جي گئسن جو ٻاهريون تهہ پکڙجي ٿڌو ٿيڻ لڳندو آهي. ان دوران اندرين ڳڀ (ڪور، core) ۾ هائڊروجن گئس هڪَ ٻي گئس هيليم ۾ تبديل ٿيندي آهي، جنهن سان ڳڀ ۾ سوس پيدا ٿيندي آهي. ٻاهريون ٿڌو تهہ ڳاڙهو ٿي چمڪڻ لڳندو آهي. ان وقت، تاري کي وڏو ڳاڙهو تارو (ريڊ جائنٽ، Red Giant) چئجي ٿو.

## دلچسپ حقيقت

**هڪ ڪئاسار (*Quasar*) ۾ هڪ سيڪنڊ ۾ ٺهندڙ توانائيء اسان کي اربين سالن تائين بجليءَ جي ضرورتن لاءِ ڪافي آهي.**

**ڪارو ڳُلڪڙو/سوراخ (بليڪ هول،** Black hole)

ڌماڪي کان پوءِ نئون وڏو تارو (سُپرنووا) ٿيڻ کان پوءِ، باقي بچيل ڳڀُ ڪارو ڳلڪڙو ٿي پوندو آهي. ڪاري ڳلڪڙي جي مرڪزي/ وچئين نقطي (هنڌ) کي هيڪڙائي (سنگيولرٽي، Singularity) چئجي ٿو. اِن نقطي کان ڪشش جي ڇڪ ڪجهہ مفاصلي تائين ايڏي تہ سگهاري هوندي آهي جو ان مان روشني بہ ٻاهر نہ ٿي نڪري سگهي. اِن اڻ موٽ نقطي کي افقي واقعو (اِيوينٽ هاريزن، event horizon) سڏجي ٿو.

## انگ اکر

- ٭ آڳَل تاري (پروتواسٽار) جو گرمي پد 15 مِلين (ڏيڍ ڪروڙ) ڊگري سينٽيگريڊ تائين وڌي سگهي ٿو.
- ٭ وڏ ۾ وڏ روشن وڏي نئين تاري (سپرنووا) SN 1006 کي 1006ع ۾ ڏٺو ويو هو.
- ٭ ڪائنات ۾، وڏ ۾ وڏ چمڪندڙ تارو 'پسٽول تارو' سمجهيو وڃي ٿو جنهن جي توانائي اسان جي سج کان لڳ ڀڳ هڪ ڪروڙ ڀيرا وڌيڪ آهي.

## مادو (Matter)

مادو ڇا آهي؟ ان جون خاصيتون ڪهڙيون آهن؟ مايو، مقدار ۽ ان جي پيمائش جا ايڪا ڪهڙا آهن؟

**مادو**: هر اها شَي جيڪا جاءِ والاري ۽ مايو رکي، ان کي مادو چئبو آهي. مثال طور پٿر، ٽيبل، ڪتاب، پاڻي، هوا وغيره سڀئي مادو آهن. مادي جي مختلف طريقن سان درجيبندي ڪئي وئي آهي جيڪا طبعي خاصيتن تي ڪيل آهي. مادو ٽن حالتن ۾ ملي ٿو:

1. نهرو، 2. پاڻيات ۽ 3. گئس.

**مادي جون خاصيتون**: مادي جي هر حالت جون خاصيتون مختلف آهن. مثال طور نهرن مادن جي خاص شڪل ٿئي ٿي، جڏهن تہ پاڻيات جي شڪل مخصوص نہ هوندي آهي. مادي جون ٻن قسمن جون خاصيتون ٿين ٿيون. هڪڙيون طبعي ۽ ٻيون ڪيميائي. طبعي خاصيتن مان ڪي سڌيءَ ريت ڏسي سگهجن ٿيون تہ ڪن لاءِ وري ماپ تور ضروري آهي. رنگُ، ماپ ۽ شڪل هڪ قسم جون طبعي خاصيتون آهن. جڏهن تہ مايو ۽ مقدار ٻئي قسمن جون طبعي خاصيتون آهن. ڪيميائي خاصيتون ٻڌائن ٿيون تہ هڪ شَي ٻي شَي سان مِلي، نئين شَي ڪيئن ناهي ٿِي. مثال طور ڪاٺي ٻري ٿي تہ گرمي ملي ٿي ۽ اها رک ۾ بہ بدلجي ٿي. ٻرڻ کان پوءِ اها ساڳيءَ اصل حالت ۾ اچي نہ ٿي سگهي. اهڙيءَ تبديليءَ کي ڪيميائي تبديلي چئبو آهي.

**مايو** (Mass): ڪنهن بہ شَي/جسم ۾ موجود مادي جي مقدار کي مايو چئبو آهي. مايو عام طور بجليءَ واري تارازي يا اسپرنگ بئلنس سان ماپيو ويندو آهي. مايي جو ايڪو ڪلوگرام آهي.

**مقدار** (Volume): ڪنهن بہ شَي/جسم جي والاريل جاءِ جي ماپ کي مقدار چئبو آهي. مقدار جو ايڪو مڪعب ميٽر آهي.

**ايٽمي نمبر**: ايٽم جي مرڪز ۾ هڪ ننڍڙو حصو آهي، جنهن کي نيوڪليس چئبو آهي. ان ۾ واڌو چارج وارا ذرڙا هوندا آهن جن جو نالو پروٽان آهي ۽ اتي بنا چارج وارا ذرڙا پڻ آهن جن کي نيوٽران چئجي ٿو. ايٽم جي مرڪز جي چوڌاري ڪاٽو چارج وارا ذرڙا پڻ آهن جن کي اليڪٽران سڏبو آهي. ان ڪري ايٽم جا بنيادي ذرڙا هي آهن: پروٽان، نيوٽران ۽ اليڪٽران.

موڪليندڙ: **عباس اطهر علي ميمڻ**، ڪلاس ڏهون اي، ڳوٺ ڇڇڙا

# انعامي سلسلو_5

انعامي سلسلي ۾ شاگردن کي گهرجي ته جيڪڏهن اهي پاڻ ٽپال يا ٻئي ڪنهن ذريعي سان اسان ڏانهن ڪوپن نه ٿا موڪلي سگهن ته پوءِ اهي پنهنجن استادن جي مدد سان، جن وٽان ڪيس رسالو ملي ٿو، ڪوپن اسان ڏانهن موڪلن. شاگردن کي هن سلسلي ۾ گهڻو شوق وٺڻ گهرجي ڇو ته ان سان هنن جي معلومات ۾ سنو واڌارو ٿيندو، جيڪا سٺي ڳالهه آهي. ان طرح شاگردن کي فائدو ٿيندو ته اهي مختلف مضمون به پڙهندا رهندا، سندن ڄاڻ ۾ به مسلسل پيو واڌارو ٿيندو رهندو ۽ ڪُڻي ۾ نالو نڪرڻ تي انهن کي سٺو ڪتاب به انعام ۾ ملندو.

**انعامي سلسلي-4 ۾ ڏنل سوالن جا درست جواب هي آهن:**

ج-1: 6880 فُٽ.
ج-2: 19-اپريل 1906ع تي.
ج-3: 2 فيبروري.
ج-4: چنڊ.
ج-5: هوپڪنس.
ج-6: ڪليل ميڙ ۽ گول ميڙ.
ج-7: پکي.

**جن شاگردن سڀ صحيح جواب لکيا، تن جا نالا هي آهن:**

**هاءِ اسڪول ٺوڙ چوسول ڪان:** امجد علي ڪلهوڙو، وقار علي لانگاهه، نديم حسين سانگي، محمد رضا جمالي، نعيم حسين لغاري، محمد ياسين جتوئي، زبير احمد سانگي، نويد علي جتوئي، ڪاظم حسين سانگي، اربيلو خان عمراڻي، محمد امين لهڙي، علي گل لهڙي، سراج احمد شَر، عبدالهادي ڪلهوڙو، اظهر علي لهڙي، عبدالله جتوئي، محمد سليم ڪلهوڙو، گلشن علي ڪلهوڙو، وقار علي سانگي، فاروق احمد جمالي، عامر حسين جمالي، منور علي جتوئي، شيراز علي پٺاڻ، خالد حسين اوڍو، زوهيب علي سانگي، وقار علي اوڍو، جنسار علي عمراڻي، صفدر علي لانگاهه، ظفر الله خان بروهي، راجا لاشاري، اوس احمد جمالي، احسان علي اوڍو، عبدالرازق سومرو، عبدالجبار ڪلهوڙو، عبدالرسول ڪلهوڙو، بخت علي لانگاهه، ثناءُ الله جتوئي، ديدار علي عمراڻي، تنوير احمد جمالي. **ايم يُو ٻي ايس ڄامشوري ڪان:** ثاقب حسين هڪڙو. **ڊگري ڪاليج ميهڙ ڪان:** رضوان علي چانڊيو، عبدالفتاح خاصخيلي. **گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڇڄڙا ڪان:** توقير الرحمان ڇڄڙو، امجد توفيق پٽو، علي عباس ميمڻ، شفيق الرحمان ڇڄڙو، بلاول سجاول الدين ميمڻ. **سنڌ سائنس ڪاليج لاڙڪاڻي ڪان:** زبير احمد لهڙي. **گورنمينٽ هاءِ اسڪول شيخ زيد ڪالوني لاڙڪاڻي ڪان:** شاهد حسين بروهي. **هڪ غلطيءَ وارو جواب:** محمد صابر ميٺو (قنبر) ۽ مزمل احمد ميمڻ (ڇڄڙا ڳوٺ، قنبر) وٽان آيو. تنهنڪري اهي ڪُڻن ۾ شامل نه ڪيا ويا.

**ڊاڪٽر محبت اڪيڊميءَ** جي وائيس چيئرمئن، جناب خادم حسين رند جي نظرداريءَ هيٺ، درست آيل ڪوپنن جا ڪُڻا ڪڍيا ويا. ته هنن شاگردن جا ڪُڻا نڪتا: 1. **محمد ياسين جتوئي**، 2. **عبدالهادي ڪلهوڙو** ۽ 3. **بلاول سجاول الدين ميمڻ**. اسان ٽنهي شاگردن کي گهڻيون گهڻيون مبارڪون ڏيون ٿا. کين انعام هڪ هفتي اندر پهچائينداسين.

هن سلسلي ۾ حصو وٺڻ لاءِ ضروري آهي، ته هيٺ ڄاڻايل ڪوپن ڀين سان ڀري، **ايڊيٽر** جي ايڊريس تي، دير ۾ دير **جولاءِ مهيني جي 15 تاريخ تائين پهچائجي**. ٻيءَ صورت ۾ اهو انعامي سلسلي ۾ شامل ٿي نه سگهندو. جن به شاگردن يا ٻارن جا جواب صحيح هوندا، تن جا نالا اينڊڙ شماري ۾ ڇپيا ويندا، ۽ انهن مان ٽن چُنن جا ڪُڻا ڪڍي، انهن شاگردن يا ٻارن کي علمي ۽ ادبي انعام ڏنا ويندا. اوهان کي اهو پڻ ٻڌايون ته هن انعامي سلسلي ۾ پڇيل سوالن جا جواب، هن ئي شماري جي مختلف مضمونن ۾ ٻڌايل آهن. اوهان مضمون پڙهي، سوالن جا جواب ڄاڻي سگهو ٿا ۽ انعام کٽي سگهو ٿا. نتيجو اينڊڙ شماري ۾ ڏنو ويندو.

جوابن جو ڪوپن موڪلڻ جي ايڊريس هيءَ آهي:

**رياضت بُرڙو، ايڊيٽر 'سائنسي سوچ' قنبر**
**آفيس ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي، ميرو خان روڊ، لڳ ڇتي وارو هوٽل**
**پوسٽ آفيس قنبر پوسٽ ڪوڊ # 77210**
**ضلعو قنبر-شهدادڪوٽ ائٽ قنبر**

**سوال هي آهن:**

1. چنڊ تي پهريون قدم ڪهڙي سائنسدان رکيو؟
2. نالي وارو سائنسدان جان وليم اسٽرٽ ڪهڙي تاريخ تي ڄائو؟
3. هنداڻي ۾ پاڻي ڪيترا گرام آهي؟
4. ناگاساڪي تي ايٽم بم آمريڪا ڪهڙي تاريخ تي ڪيرايو؟
5. ڪشش ثقل ڪهڙي سائنسدان معلوم ڪئي؟
6. ليزر لائيٽ ڪهڙي سال ٺهي؟
7. ڪيمسٽريءَ بابت ڪهڙي ويب سائيٽ تان ڄاڻ ملندي؟

## ڪوپن انعامي سلسلو-4

سجو نالو : ........................................
پيءُ جو نالو : ........................................
ڪلاس ۽ اسڪول/ڪاليج : ........................................
ايڊريس : ........................................
........................................
فون/موبائل نمبر: ........................................

### جواب

1. ........................................
2. ........................................
3. ........................................
4. ........................................
5. ........................................
6. ........................................
7. ........................................

